

# سيلفيءَ جا 30 عبرتناڪ واقعا



شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علامه مولانا ابوبلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

| | |
|---|---|
| رسالي جو نالو: | سيلفي جا 30 عبرتناڪ واقعا |
| ڇاپو پهريون: | - |
| تعداد: | - |
| ڇاپيندڙ: | مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي |

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.

## ڪتاب خريد ڪندڙ توجہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# سيلفي جا 30 عبرتناڪ واقعا

هي رسالو ”سيلفی کے ۳۰ عبرتناک واقعات“ شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطار قَادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)


**رابطي جي لاءِ:**

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# سيلفي جا 30 عبرتناڪ

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري هي بيان مڪمل پڙهي ڇڏيو.
اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينه، سردار مڪه مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان برڪت نشان آهي: ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ۽ ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر سڀ کان وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.“ (اَلْفِردَوس بماء ثور الْخِطاب ج 5 ص 277حديث 817)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هن رسالي ۾ موجود سيلفيءَ جي باري ۾ واقعا وغيره گهڻي طور net تان حاصل ڪيا ويا آهن

## چور ڪيئن گرفتار ٿيو؟

فرانس جي شهر”روش فوغ“ (Rochefort) ۾ موبائل فون چوري ڪرڻ وارو 22 سال جو نوجوان سيلفي (Selfie) ٻڻائڻ جي شوق جي ڪري گرفتار ٿي ويو. هڪ اخباري اطلاع جي مطابق ان ملزم جولائي جي مهيني ۾ انهيءَ شهر مان هڪ شخص جو موبائل فون چوري ڪيو هو. ڪافي ڏينهَن ڪانپوءِ ان شخص شهر ۾ گهمندي

ڦرندي ان فون سان پنهنجي هڪ سيلفي (Selfie) ٺاهي پر ان کي اهو علم نہ هو تہ ان اسمارٽ فون جي مالڪ سيٽنگز (Settings) اهڙي ڪري رکي هئي جو ان جي ذريعي ڪڍيل هر تصوير ازخود ان شهري جي گهر جي ڪمپيوٽر تي منتقل ٿي ويندي هئي. ان ملزم جيئن پنهنجي سيلفي ٺاهي، اها فوراً فون جي مالڪ جي گهر تي ان جي ڪمپيوٽر تائين پهچي وئي! ان اها تصوير بغير ڪنهن دير ڪرڻ جي پوليس تائين پهچائي ڇڏي جنهن جي نتيجي ۾ پوليس سيلفي ۾ ڏيکاري ويندڙ جڳهہ تي پهتي ۽ ان چور کي گرفتار ڪري ورتو.

## ڄاڻي واڻي هلاڪت تي پيش ٿيڻ حرام آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سيلفي (Selfie) يعني پنهنجي تصوير پاڻ ڪڍڻ) جو شوق اڄڪلہ عروج تي آهي. هاڻي کان ڪجهہ سال اڳ تائين سيلفي جو لفظ ئي انگلش لغت ۾ موجود نہ هئو! 2013 ۾ ان لفظ کي نہ صرف ڊڪشنري ۾ شامل ڪيو ويو بلڪ ان کي هن سال جو ”اهم ترين لفظ“ بہ قرار ڏنو ويو! سيلفي(Selfie) ٺاهي سوشل ميڊيا تي نشر ڪري پسنديدگي (Like) ۽ ناپسنديدگي(dislike) جي تاثرات جو مطالبو بہ ڪيو ويندو آهي. گهٽ وقت ۾ وڌ کان وڌ شهرت ماڻڻ جي لاءِ مشهور شخصيتن، بلند و بالا عمارتن، آبشارن، بلڪ شينهن ۽ مانگر مڇ جهڙن خونخوار جانورن، شارڪ مڇي جهڙي خطرناڪ مڇين ۽ هلندڙ ٽرينن جي اڳيان سيلفي ڪڍڻ جي شوق ۾ پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهڻ وارا ماڻهو بہ ڪافي تعداد ۾ دنيا جي اندر ڏٺا وڃن ٿا. ياد رهي! بغير مصلحتِ شرعي ڄاڻي واڻي پنهنجو پاڻ کي هلاڪت تي پيش ڪرڻ گناهہ ۽ حرام ۽

**فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)**

جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي. الله تعاليٰ سيپاري2 سورة بقره جي آيت نمبر 195 تي ارشاد فرمايو آهي:

وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۚۖ

ترجمو: ۽ پنهنجي هٿان هلاڪت ۾ نه پئو.

## سيلفي جا نقصان

سيلفي جا ڪهڙا فائدا آهن اهي ته سيلفي جي شوقينن کان پڇيو وڃي! تي سگهي ٿو اهي يادگار، حيران ڪندڙ ۽ دلچسپ منظرن جي حوالي سان سيلفي کي مفيد قرار ڏين پر مختلف صورتن ۾ ان جي نقصانن جي فهرست فائدن کان نهايت وڏيڪ آهي، مثلاً ❖ سيلفي جو شوق پورو ڪرڻ جي لاءِ وقت جهڙي قيمتي شيء ضايع ڪرڻي پوندي آهي. ❖ مال خرچ ٿيندو آهي. ❖ انساني صحت کي نقصان پهچندو آهي. ❖ خطرناڪ ۽ حيران ڪندڙ سيلفين جو شوق جان به وڃي سگهي ٿو. ❖ ”نوسيلفي زون“ ۾ سيلفي بڻائڻ تي قانوني خلاف ورزيءَ تي سزا ٿي سگهي ٿي. ❖ بيهوده سيلفين جي ڪري بي حيائي عام ٿيندي آهي. ❖ ڪجھ نادان ڇوڪريون ته پنهنجي سيلفي سوشل ميڊيا تي چڙهي ڏينديون آهن، گندي ذهن وارا ماڻهو جديد ٽيڪنڪ جي ذريعي انهن تصويرن جي”گندي ترڪيب“ بڻائي انهن جي عزت کي خراب ڪري سگهن ٿا. ❖ موبائل فون خاص طور سوشل ميڊيا ۽ سيلفي ۾ گم رهڻ وارا ماڻهو گهر جي فردن کي وقت ڏيڻ ۾ ناڪام هئڻ جي صورت ۾ بانهن جي حق تلفين جي گناهن ۾ پوڻ سان گڏوگڏ گهر ۾ جهيڳڙن جو به سبب بڻجي سگهن ٿا.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

## ”وقت ضايع ڪندڙ“ شوق

هي شوق ”وقت ضايع ڪندڙ“ آهي چوجو سيلفي ڪڍڻ جي لاءِ حيران ڪندڙ جاءِ جو انتخاب ڪرڻ، ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ خرچ ڪري ان جڳهه تائين پهچڻ، پوءِ ان سيلفيءَ کي سوشل ميڊيا تي عام ڪرڻ ۽ ان کانپوءِ ان جو فيڊبيڪ (Feedback) چيڪ ڪرڻ ته ڪيترن ماڻهن لائيڪ (like) ڪيو ۽ ڊس لائيڪ (dislike) ڪرڻ وارا ڪيترا آهن، انهن سمورن ڪمن ۾ ڪافي وقت لڳندو آهي. ياد رکو! وقت ۽ لمحا انمول هيرا آهن، انهن جي اهميت بيان ڪندي اسان جي آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ﴿نِعْمَتَانِ مَغْبُوْنٌ فِيْهِمَا كَثِيْرٌ مِّنَ النَّاسِ الصِّحَّةُ وَالْفَرَاغُ﴾ يعني ” ٻه نعمتون آهن جن ۾ ماڻهو تمام گهڻي نقصان ۾ آهن(1) صحت (2) فراغت“ (بخاري شريف ج4 ص 222 حديث 6412)

غور ڪيو ته هر اچڻ وارو ڏينهن ڊبل ٻارنهن ڪلاڪ سان ايندو آهي. ائين ئي امير هجي يا غريب، مرد هجي يا عورت، ٻار هجي يا پوڙهو، استاد هجي يا شاگرد(زندگي جي شرط سان) ان کي روزانو ڏينهن رات جي1440 منٽن جي دولت بغير ڪنهن محنت جي ملي ويندي آهي، عيسوي سال جي حساب سان هنن منٽن کي جمع ڪيو وڃي ته 365 ڏينهن ۾5لک 25 هزار600منٽ يا 8هزار 7سؤ60 ڪلاڪ ٻڻبا. هن دولت کي انسان چاهي ته ضايع ڪري ڇڏي ۽ چاهي ته ان مان نفعو حاصل ڪري. وقت اها دولت آهي جيڪا ذخيرو ناهي ڪئي ويندي، اوهان ان مان فائدو نه ٻه وٺو تڏهن ٻه هي گذري ويندو آهي جهڙي طرح برف ، چوجو برف استعمال نه ٻه ٿئي تڏهن ٻه پگهرجي ختم ٿي ويندي آهي. هاڻي ديانتداري سان ٻڌايو ته جيڪو

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

وقت چڱي ۽ نيڪ ڪمن ۾ گذري آخرت جي ڀلائين جي حصول ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو ان کي سيلفي ۽ بين فضول ڪمن ۾ گذارڻ نقصان جو سودو آهي يا نہ؟

## مال ضايع ڪندڙ شوق

سيلفي (Selfie) جو شوق مفت ۾ پورو ناهي ٿيندو بلڪ سني ڪان سنو موبائل يا ڪيمرا خريد ڪيو ويندو آهي، انٽرنيٽ جي فيس بہ ڪيسي مان ڏني ويندي آهي، هٿ ۾ موبائل پڪڙي سيلفي ڪڍڻ جو دور بہ پراڻو ٿيو، هاڻي تہ سيلفي ڪڍڻ جي لاءِ طرح طرح جا ساز و سامان منظرِ عام تي اچي رهيا آهن جيڪي ظاهر آهي رقم جي ذريعي ئي خريد ڪيا ويندا آهن.

## (2) نانگ سان سيلفي مهانگي پئجي وئي

هڪ آمريڪي شخص کي نانگ سان سيلفي ڪڍڻ جو شوق جاڳي پيو، اهو جڏهن نانگ سان سيلفي ٺاهڻ لڳو تہ نانگ موقعو ڏسي ان جي ٻانهن تي ڏنگي وڌو ۽ ڪنڊن واري جاءِ ۾ لڪي ويو. نانگ جي زهر تيزي سان پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو، آمريڪي جي وات مان جهڳ نڪرڻ لڳو ۽ اهو درد جي شدت سان بري طرح تڙپڻ لڳو. ان کي طبي امداد ڏيڻ جي لاءِ قريبي اسپتال پهچايو ويو جتي زهر جي خاتمي جي لاءِ خصوصي ترِياق(زهر ختم ڪندڙ دوا) ڏنو ويو، ۽ ڪيئي انجيڪشنون لڳائيون پيون. صحتيابي ڪانپوءِ جڏهن آمريڪي کي اسپتال انتظاميہ جي طرفان بل ڏنو ويو تہ ان جون اکيون ڦٽيل ئي رهجي ويو جوجو ان جي سيلفي جي شوق

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

اسپتال جو بل هڪ لک ڊالر(تقريباً هڪ ڪروڙ پاڪستاني روپيہ) کان وڌيڪ هئو! ان آمريڪي وٽ هڪ سال جي عرصي کان وڌيڪ هڪ پيو نانگ موجود هئو پر ان واقعي کان اهو ايترو قدر خوفزده هو جو ان کي به جهنگ ۾ ڪٽي آزاد ڪري ڇڏيائين.

## (3) آپريشن جي دوران سيلفي ڪيڻ وارا ڊاڪٽر

چين جي شمال مغربي صوبي"شانڇي"جي پرائيويٽ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن تي سيلفي بڻائڻ جو اهڙو جنون سوار هئو جو اهي آپريشن جي دوران به سيلفي بڻائڻ ۾ مصروف رهيا، ڪنهن فتح جو نشان بڻايو ته ڪنهن مسڪرائڻ جو پوز هنيو. تصويرون منظر عام تي اچڻ ڪانپوءِ محڪمہ صحت جي حڪام غفلت ڪرڻ تي ٽن سينئر ڊاڪٽرن کي عهدي تان فارغ ڪري ڇڏيو. جڏهن ته تصوير ۾ نظر اچڻ واري ٻي عملي کي ڇهڙيو ويو ۽ گڏ و گڏ انهن جي ٽن مهينن جي به پگهار روڪي وئي. اسپتال انتظاميہ ان عمل تي عوام کان معافي گهرندي چيائون ته هن آپريشن ٿيئٽر ۾ هي آخري آپريشن هئو تنهنڪري ڊاڪٽرن جي طرفان هي حرڪت سامهون آئي.

## صحت کي نقصان پهچائڻ وارو شوق

اوهائيو يونيورسٽي جي شايع ڪيل تحقيق جي مطابق سوشل ميڊيا جي سيڪڙو شوقينن جي جاچ ڪئي وئي، جنهن ۾ هي ڳالھ سامهون آئي ته جيڪي ماڻهو تمام گهڻيون سيلفيون شايع ڪندا آهن انهن ۾ نفسياتي بيماري جا شبها ۽ ذهني مرض جا خطرا به وڌيڪ هوندا آهن. جڏهن ته لنڊن جي طبي ماهرن جو چوڻ آهي ته اسمارٽ فون سان وڌيڪ سيلفيون ڪيڻ نہ صرف چهري جي جلد(Skin) کي متاثرڪندو

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابويعلي)

آهي بلڪ ان سان چهري تي گُهنج به پئجي ويندا آهن. ماهرن جي مطابق اسمارٽ فون مان خارج ٿيڻ واري روشني ۽ اليڪٽروميگنيٽڪ ريڊي ايڪشن (Electromagnetic Rediation) چهري جي جلد (Skin)کي نقصان پهچائيندي آهي، ان سان پوڙائپ جي طرف سفر تيزي سان مڪمل ٿي ويندو آهي ۽ چهري تي گهنج اپري ايندا آهن.

## ”جان وٺندڙ“ شوق

سيلفي جو شوق جان وٺندڙ به ثابت ٿي سگهي ٿو، سيلفي جا شوقين افراد عوامي جڳهن تي عجيب ۽ غريب حرڪتون ڪندي پنهنجي ۽ ٻئي جي سلامتي کي خطري ۾ وجهي ڇڏيندا آهن جنهن جو نتيجو اسپتال جو بيڊ يا موت جو هنڌ هوندو آهي. هڪ اخباري اطلاع جي مطابق 2014 کان 2016 تائين سيلفين ڪيڻ جي جنون ۾ ڪم و بيش 49 موت واقع ٿي چڪا آهن، مري ويلن افراد ۾ زياده تر 21 سال جي عمر تائين جا آهن ۽ 75 فيصد مرد آهن. سيلفي جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ جڳهه بلندي يا پاڻي آهي. 16 افراد ٻڏي ۽ 8 افراد ٽرينن کان ٽڪرائجي، به ڪار جي ٽڪر کان ۽ هڪ جانور جي حملي کان فوت ٿيو. گهڻو موت ”هند“ ۾ واقع ٿيو، انهي ڪري هند ۾ 16 جڳهين تي سيلفي ڪيڻ ممنوع قرار ڏنو ويو آهي. ٻئي نمبر تي”روس“ آهي جڏهن ته سيلفين سان ٿيڻ واري اموات ۾ پاڪستان ڏهين نمبر تي آهي. بطور عبرت ڪجهه منتخب واقعا ملاحظ فرمايو.

## (4) دستي بم سان سيلفي

روس ۾ جبل جي چوٽي تي ٻه نوجوان ان مهل انتقال ڪري ويا، جڏهن انهن هڪ دستي بم جي پن ڪيندي ان سان سيلفي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو۔** (طبراني)

## (5) تاج محل جي سيڙهين تان ڪِري فوت ٿي ويو

جاپان جو هڪ سيّاح مشهور تاريخي تاج محل(آگره هند) ۾"رائل گيٽ" جون سيڙهيون چڙهندي سيلفي ڪيڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي دوران ڪِري جان جي بازي هاري وينو.

## (6) ماءُ پيءُ ۽ ڌيءُ پاڻي ۾ ٻڏي ويا

خيبر پختونخواه (پاڪستان) جي هڪ ڳوٺ"ٻيسِيان" جي ويجهو درياءِ ڪُنهار جي ڪناري 11 سال جي ڇوڪري سيلفي ڪيڏي رهي هئي ته اچانڪ ان جو پير تِرڪي پيو ۽ اها درياء ۾ وڃي ڪري، ماءُ پنهنجي ڌيءُ کي بچائڻ جي لاءِ درياءَ ۾ ٽپو ڏنو ته اها به پاڻي ۾ ٻڏي وئي. ڇوڪري جي ماءُ ۽ ڌيءُ کي ٻڏندي ڏسي ڇوڪريءَ جي پيءُ به درياء ۾ ٽپو ڏنو ۽ اهو به ويچارو ٻڏي ويو. ڇوڪريءَ جي ماءُ پيءُ جو تعلق پنجاب جي صوبي (پاڪستان) سان هو، ۽ اهي ٻئي ڊاڪٽر هئا ۽ موڪل جي ڏهاڙن ۾ گهمڻ جي لاءِ اتي ويا هئا، ذڪر ڪيل ڊاڪٽر ۽ ليڊي ڊاڪٽر جي 9 سال جي ڌيءُ ۽ ڇهه سال جو هڪ پٽ به آهي جيڪي حادثي جي وقت اتي موجود هئا. افسوس! سيلفي جي شوق زنده رهجي ويندڙ نياڻيءَ ۽ ٻار کان ان جي وڏي پيڻ ۽ ماءُ پيءُ کسي انهن کي يتيم ۽ بي سهارو ڪري ڇڏيو.

## (7) 17 منزل تان هيٺ وڃي ڪِري

ٻارهن سال جي روسي ڇوڪري سيلفي ڪيندي بالڪني (Balcony) کان هيٺ ڪري فوت ٿي وئي. تفصيل جي مطابق اها 27 منزل تي واقع پنهنجي فليٽ جي ريلنگ(Railing) تي ويهي سيلفي ٻٽائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو توازن(Balance) برقرار نه رکي سگهي ۽ هيٺ وڃي ڪري. اها پنهنجي ماءُ کي هي چئي ڪري وئي هئي ته " هوا جهٽڻ جي لاءِ ڇت تي وڃي رهي آهيان." پر ڇت تي وڃڻ جي بدران

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

بالڪني ۾ سيلفي ڪڍڻ لڳي. پوليس جي مطابق ان ڇوڪري اها تصوير پنهنجي هڪ سهيلي ڏانهن موڪلي ڇڏي، سهيلي محسوس ڪيو ته اها تصوير خطرناڪ جڳهه تي ڪڍي وئي آهي، تنهنڪري ان فوري طور تي پنهنجي سهيلي کي فون ڪيائين پر فون ريسيو (Receive) نه ٿي سگهيو، پوءِ ان سهيلي اها تصوير ان جي ماءُ ڏانهن موڪلي ڇڏي پر ان مهل تائين ڇوڪري هيٺ ڪري دم ٽوڙي چڪي هئي. هڪ واٽ ويندڙ پوليس کي ڇوڪري جي لاش جي باري ۾ اطلاع ڏني.

## (8) ترڻ دوران سيلفي ڪيڻ موت جو سبب بڻيو

شمس آباد جي علائقي ”ڪوتوال گوڙا“ حيدرآباد (هند) ۾ ٻه نوجوان ترڻ دوران سيلفي ڪڍندي پاڻي ۾ ٻڏي ويا. تفصيل جي مطابق حيدرآباد (هند) جا 14 نوجوان ”ڪوتوال گوڙا“ ۾ تيراڪي (سوئمنگ .Swimming) جي لاءِ آيا هئا، انهن مان ڪو به ترڻ نه ڄاڻيندو هئو. انهن مان ٻه نوجوان جن جون عمرون ترتيبوار 17 ۽ 18 سال هيون. سيلفي ڪڍي رهيا هئا ته ترڪي هڪ کڏ ۾ وڃي ڦاٿا ۽ ٻڏي مري ويا.

## (9) سفيد شينهن جو ترڪ بڻجي ويو

دِهلي (هند) جي هڪ چِڙيا گهر(Zoo) ۾ هڪ نوجوان سيلفي بڻائڻ جي لاءِ ڪا انوکي جاءِ تلاش ڪندي سفيد شينهن جي پنجري وٽ وڃي پهتو ۽ جيئن ئي سيلفي بڻائڻ جي لاءِ تيار ٿيو شينهن ان کي قابو ڪري ورتو ۽ اهو اتي فوت ٿي ويو.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

## (10) سيلفي ڪيندي پستول هلي پيو

مرڪز الاولياء (لاهور پاڪستان) جو 22 سال جو نوجوان 2016 ۾ سيلفي ڪڍڻ جي شوق ۾ غالباً پهريون موت جو شڪار بڻيو. پوليس جي مطابق نوجوان جي دوست پنهنجي دوستن سان گڏجي پنهنجي ڇاتي تي اصلي پستول رکي سيلفي بڻائي رهيو هئو غلطي سان ٽريگر دٻائجي ويو، ان کي فوري طور قريبي اسپتال ۾ پهچايو ويو پر اهو جان جي بازي هاري چڪو هئو.

## (11) ريل جي ٽڪر

ڊسمبر 20015ء ۾ راولپنڊي (پاڪستان) ۾ نوجوان ريلوي ٽريڪ تي بيهي هلندڙ ريل سان سيلفي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر بدقسمتي سان ريل سان ٽڪرائجي وڃڻ جي ڪري موقعي تي ئي دم ڏٽي حوالي تي ويو.

## (12) عورت ريل تان هيٺ ڪري پئي

”ڪولمبو“ ۾ 25 سال جي چيني عورت ان مهل ريل تان ٻاهر وڃي ڪِري، جڏهن اها پنهنجي موبائل فون جي ذريعي ريل جي فٽ بورڊ(Footboard) تي سيلفي ڪڍي رهي هئي. ان کي اسپتال ڪنيو ويو پر زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي.

## (13) پاراٽي پستول سان سيلفي موت جو سبب بڻي

اسڪول جا ٻه شاگرد پاراٽي پستول سان سيلفي ڪڍي سوشل ميڊيا تي پوسٽ ڪرڻ جي شوق ۾ پوليس جي اصلي پستول جو نشانو بڻجي ويا. ٻئي شاگرد پارڪ ۾ ويهي پاراٽي پستول سان سيلفي بڻائي رهيا هئا ته مقامي پوليس ڌاڙيل سمجهي ڪري انهن

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

تي فارنگ ڪري ڏني. فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شاگرد شديد زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال ۾ پنهنجي جان جي بازي هاري ويٺو. اهو افسوسناڪ واقعو جون2015 ۾ پاڪستان جي شهر سردارآباد(فيصل آباد) ۾ پيش آيو.

## (14) انوکي سيلفيءَ موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو

مئي 2015 ”رومانيه“ جي ارڙنهن سالن جي ڇوڪري پنهنجي سهيلي سان گڏجي ريلوي اسٽيشن پهتي ته جيئن اهي انوکي سيلفي ٺاهي ڪري سوشل ميڊيا(Social media) تي پوسٽ ڪري سگهن، پر ريل جي ڇت تي چڙهي بجلي جي تارن سان هٿ ٽڪرائجي وين ۽ ڏسندي ئي ڏسندي تارن ۾ موجود 27000 وولٽ جي هلنڌڙ ڪرنٽ انهن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو.

## (15) سيلفي جي شوقين شاگردياڻي پل تان ڪري ۽....

2014ء ۾ نرسنگ جي 23 سالن جي شاگردياڻي”جنوبي اسپين“ ۾ واقع هڪ پل تي سيلفي ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو توازن (Balance) برقرار نه رکي سگهي ۽ 15 فٽ هيٺ ڪنڪريٽ سان ٺهيل اسٽريڪچر (Structure) تي وڃي ڪري، اسپتال پهچائي وئي پر اتي زخمن جا سور نه سهندي موت جي منهن ۾ وڃي پهتي.

## (16) سيلفي ٺاهڻ واري کي جهڙهن ڪرنٽ جو زوردار جهٽڪو لڳو

روس جي شهر”سينٽ پيٽرزبرگ“ جي ريلوي پل جي بلند ترين جڳهه تي 17 سال جي ڇوڪريءَ سيلفي ڪڍڻ پئي چاهي ته انهيءَ ڪوشش جي دوران 1500 وولٽ واري ڪرنٽ جي تارن سان ٽڪرائجي وئي ۽

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ڪرنٽ جي جهٽڪي ان کي پل تان 30فٽ هيٺ اڇلائي ڇڏيو جنهن سبب ان جي موت واقع ٿي وئي.

## (17) سيلفي جي شوق سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو

”فلپائن“ ۾ 18سال جي ڇوڪرِي پنهنجي سهيلي جي سالگره جي موقعي تي سمنڊ جي لهرن جي درميان”گروپ سيلفي“ ڪيندي ٻڏي فوت ٿي وئي. انجنيئرنگ(Engineering) جي شاگردياڻي کي سمنڊ جي لهرن ان وقت ٻوڙيو جڏهن اها پنهنجي سهيلين سان گڏجي سيلفي ٺاهڻ ۾ مصروف هئي.

## (18) زال مڙس جبل تان ڪري هلاڪ

آگسٽ 2014ء ۾ پرتگال جي ڪابودا روڪا(Cabo da Roca) نامي جبل جي چوٽي جي ڪناري تي ويهي زال مڙس پنهنجي ٻارن سان گڏجي سيلفي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ان دوران پير ترِڪڻ جي باعث اهي ٻئي هيٺ وڃي ڪريا ۽ پنهنجي جان کان هٿ ڌوئي ويٺا. ٻارن ماءُ پيءُ کي پنهنجي اکين اڳيان موت جي ننڊ سمهندي ڏٺو.

## (19) پل تي لٽڪي سيلفي ڪيڻ

جون 2016ء ۾ يونيورسٽي جو 17 سال جو شاگرد ان وقت موت جي ننڊ وڃي ستو جڏهن اهو”ماسڪو“ جي هڪ پل تي لٽڪي ڪَري سيلفي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان کان پهريان اهو روس جي شهر”وولوگدا“ ۾بلند پهاڙن تي پنهنجون ڪيئي تصويرون ٺاهي چڪو هو.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعہ جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ (200) سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (ڪنزالعمال)

## (20) 1640 فٽ اوچي آبشار ۾ وڃي ڪريو

سيلفي ڪڍڻ دوران 28 سال جو ڪوريَن سياح اميزون جهنگل جي گهري آبشار ۾ ڪري موت جو شڪار ٿي ويو. مذڪوره نوجوان سيلفي ڪيندي توازن(Balance) برقرار نہ رکي سگهيو ۽ ترڪي 1640 فٽ اونهي آبشار ۾ وڃي ڪريو، سياح جي ميت وهندڙ 7ميٽر گهري چشمي ۾ وڃي پهتي جتي ريسڪيو اداري جي تيراڪن ميت کي ڪڍي قريبي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو .

## (21) ٻہ ويجها رشتيدار درياء ۾ ٻڏي ويا

سيلفي جي جنون ڪي پي ڪي(پاڪستان) جي ”وادي ڪاغان“ ۾ چنجر جي ڏينهن هڪ مرد ۽ هڪ عورت کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو. واقعو ڪجهہ هن ريت آهي تہ درياءِ ڪُنهار جي ڪناري پٿر تي ويهي 29 سال جو نوجوان سيلفي ڪڍي رهيو هو تہ ان جو پير ترڪي پيو ۽ اهو درياءِ ڪنهار ۾ ڪري پيو، ان کي بچائڻ جي لاءِ ان جي قريبي عزيزياڻي بہ درياء ۾ ٽپو ڏنو ۽ ٻئي ٻڏي ويا. مقامي عيني شاهد ٻڌايو تہ نوجوان پٿر تي ويهي سيلفي ڪڍي رهيو هو، مان ان کي روڪڻ وارو ئي هئس تہ ان جو پير ترڪي پيو ۽ اهو درياء ۾ ڪري پيو.

## (22) نانگ ڏنگ هڻي وڌو

سراءِ عالمگير (پنجاب، پاڪستان) ۾ نانگ سان سيلفي ٺاهڻ وارو 26 سال جو نوجوان نانگ جي ڏنگڻ جي سبب موت جي هنج ۾ وڃي ستو. مذڪوره نوجوان ”بنون“ جو رهاڪو هو ۽ پنهنجي رشتيدارن کان ملڻ”سراءِ عالمگير“ آيل هو . (جنگ اخبار آن لائن 2 آڪٽوبر 2016)

فرمانِ مُصطفٰے صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

## (23) سيلفي ڪيندي جبل جي نالي ۾ ڪري پيو…

مرڪزالاوليا (لاهور، پاڪستان) جو رهاڪو هڪ شخص واديِ نيلم جي پرفضا مقام ڪُتن ۾ ”جاگران ندي“ جي پل تي بيهي سيلفي ڪڍي رهيو ته پير ترڪڻ جي ڪري ندي ۾ وڃي ڪِريو، بين دوستن زخمي حالت ۾ وهندڙ ندي مان نوجوان کي ڪڍي طبي امداد جي لاءِ فوجي اسپتال ۾ منتقل ڪيو، پر اهو جان جي بازي هاري چڪو هو، مرڻ واري جي ميت کي تدفين جي لاءِ وارثن جي حوالي ڪيو ويو.

(ايضاً 12 جولاءِ)

## (24) 2 نوجوان ٻڏي ويا جڏهن ته…

هالا(باب اسلام سنڌ) ۾ سيلفي ڪيندي 2 نوجوان درياء ۾ ڪري ٻڏي ويا، ٽئين کي بچايو ويو. ٽئي نوجوان سنڌو درياء جي ڪناري بيهي سيلفي ڪڍي رهيا هئا ته پير ترڪڻ جي ڪري درياء ۾ ڪري پيا، موقعي تي موجود ملاحن(Sailor) هڪ نوجوان کي زنده ڪڍي ورتو بهرحال ٻه ڄڻا ٻڏي ويا. (ايضاً12جولاءِ)

## (25) بندوق سان سيلفي ٺاهڻ واري جي موت ٿي

گوجرانوالا (پنجاب، پاڪستان) ۾ بندوق جهلي سيلفي ٺاهڻ وارو نوجوان اچانڪ هٿ ٽريگر تي اچي وڃڻ سان گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو. چمن شاهه روڊ جو نوجوان رمضان المبارڪ ۾ تراويح جي نماز پڙهڻ جي لاءِ مقامي مسجد ۾ ويو، جتي ان سيڪيورٽي گارڊ کان بندوق وٺي سيلفي ڪڍڻ جي ضد ڪيائين ته اچانڪ هٿ ٽريگر تي اچي ويو ۽ گولي پيٽ ۾ وڃي لڳي جنهن سان اهو شديد زخمي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)**

ٿي پيو، طبي امداد جي لاءِ اسپتال داخل ڪرايو ويو، ان ڪانپوءِ لاهور جي اسپتال ڪنيو ويو جتي اهو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو.

(جنگ اخبار آن لائن 24 جون 2016ء)

## (26) ٽوليءَ هلڻ سان 43 سالن جو شخص فوت

انوکي ۽ عجيب ۽ غريب انداز ۾ سيلفي ڪڍڻ جي دوران زندگي جي بازي هارڻ جي ڳالهه هاڻي ڪا نئي ناهي رهي، " آمريڪا " ۾ هڪ شخص پنهنجي دوست سان گڏ پستول هٿ ۾ ڪٽي سيلفي ڪڍي رهيو هو ته اچانڪ گولي هلي پئي ۽ اهو اتي ئي فوت ٿي ويو. پوليس جي مطابق سيلفي ڪڍڻ دوران اهو شخص ڪيئي ڀيرا پستول گولين سان خالي ڪندو ۽ ڀريندو رهيو جڏهن ته ان عمل دوران پستول مان گوليون ڪڍندي وقت هڪ گولي انهي ۾ رهجي وئي ۽ ان جي دوست سمجهيو ته هاڻي پستول ۾ گولي ناهي جنهن تي ان پستول جو ٽريگر دٻايو ۽ ان ۾ موجود گولي هلي پئي ۽ اهو اتي ئي جان جي بازي هاري ويو.

(ايضاً 4 مارچ)

## (27) سيلفي ڇوڪريءَ ٽي مهانگي پئجي وئي

اڄڪلهه ماڻهن تي سيلفي ڪڍڻ جو ايترو ته جنون سوار آهي جو ڪڏهن ڪڏهن سيلفي ڪڍندي انسان چڱي ڀلي مصيبت ۾ پئجي ويندو، جيئن تُرڪي جي هڪ عورت کي به سيلفي جو شوق مهانگو پئجي ويو. ترڪي جي شهر "samsun" جي ساحلي سمنڊ تي هڪ ڇوڪري پنهنجي موبائل فون سان سيلفي ڪڍڻ ۾ مصروف هئي ته پير ترڪڻ سبب ڏڪڻ لڳي، ڏڪندي ان جي هٿ مان ڦهريان موبائل ڪِري پوءِ پاڻ به ٻن پٿرن جي درميان ڪري ڦاسي پئي. نه ڪلاڪ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي- (عبدالرزاق)**

تائين تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ ڪانپوءِ ڇوڪري کي زنده ٻاهر ڪڍيو ويو. (جنگ اخبار آن لائن 7 مئي 2016)

## (28) 15 سال جو نوجوان ڇوڪرو شديد زخمي

ڀارتي رياست پنجاب ۾ 15 سال جو ڇوڪرو سيلفي ڪڍڻ دوران مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي پيو، هي حادثو ان مهل پيش آيو جڏهن اهو پنهنجي والد جي پستول سان سيلفي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ گولي هلي پئي . (ايضاً2مئي).

## (29) سيلفي ڪيندي کوهہ ۾ وڃي ڪِري

”جونا ڳڙه“ (گجرات هند) ۾ هڪ آسٽريلوي سياح عورت ان مهل مصيبت ۾ ڦاٿي جڏهن اها پنهنجي سيلفي ڪيندي اچانڪ کوهہ ۾ وڃي ڪِري. ان جي رڙين جي آواز ٻڌي ڪري ماڻهو ڀڄندا آيا ۽ کوهہ مان ڪڍي ان جي جان بچائي وئي.

## (30) ننڍڙي ڊولفن پنهنجي جان تان وئي

سيلفي جي شوقينن سيلفي ڪڍڻ جي لاءِ ننڍڙي ڊولفن کي سمنڊ مان ڪڍي ورتو، پاڻي مان ڪڍيو وڃڻ تي ”ننڍڙي ڊولفن“ مري وئي جنهن تي وائلڊ لائف جي ماهرن ۽ ماڻهن ۾ ناراضگي جو اظهار ڪيو پيو وڃي. فرانسسڪا نامي ڊولفن جي اها قسم حَجَم (يعني جسامت) جي اعتبار سان دنيا جي سڀ کان ننڍي ڊولفن آهي ۽ اها ارجنٽينا، برازيل ۽ يورا گوئي ۾ ئي پائي وڃي ٿي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙھيو تحقيق اھو بدبخت ٿي ويو- (ابن سني)**

## حج ۽ عمرو ۽ سيلفي

حج ۽ عمري جي سفر دوران بہ سيلفي جا شوقين پنھنجا شوق پورا ڪندي ڏٺا وڃن ٿا، انھن کي جتي ڪو منظر سٺو لڳندو آھي تہ جھٽ پٽ سيلفي ڪيندا ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي ان تصوير جي تشھير ڪري ڇڏيندا آھن. حجرِ اسود کي چمندي وقت سعي ۽ طواف جي دوران بہ سيلفيون ٺاھيون ويندیون آھن. جنھن ڪري طواف ۽ سعي ڪرڻ وارن جي اچڻ وڃڻ ۾ مشڪلات ٿيندي آھي، ماڻھو ھڪ ٻئي تي ڪِري پوندا آھن يا ٽڪرائجي ويندا آھن، جنھن سبب انھن کي پريشاني ٿيندي آھي، خود سيلفي ٺاھڻ وارن جو ذوقِ عبادت متاثر ٿيندو آھي، سنھري ڄارين وٽ مُواجَھَ شريف جي اڳيان حاضري مھل بہ سيلفي ٺاھڻ وارا ڏٺا ويندا آھن، انھيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ بيباڪ پنھنجي پٺ مُواجھَ شريف ڏانھن ڪري ڇڏيندا آھن. اي ڪاش! اسان جو ھي ذھن ٺھجي وڃي تہ حرمين شريفين سيلفي ٺاھڻ جي لاءِ نہ بلڪ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ ھوندو آھي .

## پھريان دعا جي درخواست ڪندا ھئا ھاڻي سيلفي جي فرمائش

ڪجھ ڏينھن پھريان جڏھن ڪا مذھبي شخصيت مثلاً پير صاحب، مفتي صاحب وغيره ڪنھن جي گھر تشريف وٺي ويندا يا رستي ۾ ملندا ھئا تہ عموماً انھن کان دعا جي التجا ڪئي ويندي ھئي ۽ ھاڻي صورتحال ھي آھي تہ جيڪڏھن ڪا مذھبي شخصيت ڪٿي نظر اچي وڃي تہ دعا جي درخواست ڪرڻ  بدران ڪجھ ماڻھن جي اول ڪوشش اھا ھوندي آھي  تہ انھن سان گڏ سيلفي ڪڍي وڃي .

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

## اسلام جي خوبي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو: غير ضروري سيلفي جي عادت ڪڍڻ جي لاءِ ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳي وڃو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نہ ڪرڻ وارن ڪمن کان بچي وينديؤ. حضور تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت: فرمايو: ﴿مِنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْكُهٗ مَا لَا يَعْنِيْهِ﴾ **يعني انسان جي اسلام جي خوبين مان هڪ خوبي هي بہ آهي تہ اهو هر بي مقصد ۽ فضول ڪم ڇڏي ڏي.**

(ترمذي ج4 ص142 حديث 2344)

مفسرِ شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: يعني ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو اهڙن ڪمن اهڙين حرڪتن کان بچي جيڪي ان جي لاءِ دين يا دنيا ۾ مفيد نہ هجن، اهو ڪم يا ڪلام ڪري جيڪو ان کي يا دنيا ۾ فائدو ڏئي يا آخرت ۾. سبحٰن الله! هنن ننڍن ڪلمن ۾ ننڍي جهانن جي ڀلائي وابستہ آهي. (مرأة المناجيح6 ص465)

يا رب المصطفٰي! اسان کي پنهنجو وقت ننڍي جهانن جون ڀلايون ڏيارڻ وارن ڪمن جي لاءِ خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ .

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

